

ناجائز ناتا

(اصلوکو ناول)

ناجائز ناتا

(اصلوکو سنڌي ناول)

ليکڪ:

سنڌر حشمتراءِ (ڪاسا بلنڪا)

[ڇاپو پهريون] قيمت: ٦ روپيا [١٩٨١

ڇپائيندڙ:
ڀارت جيون ناول مالها
~~١١/٣١، نوجيون هائوسنگ سوسائٽي،~~
~~لئمنگٽن روڊ، ممبئي-٤٠٠٠٠٠٨~~
~~فون: 375993~~

ڇپائيندڙ جا سڀ حق واسطا قائم

سنڌي ساهتيه پريمي جاتيءَ کي زندهه رکڻ چاهيو
هيٺين اخبارن ۽ رسالن جا چندا ڀريو.

ڀارت جيون

(وڏي سائيز اخبار، ١٥ ڏينهن نڪرندڙ)

ليکڪ- ڪهاڻين سان ڀرپور - ٤٥ سالن کان نڪرندڙ.

هندستان لاءِ ساليانو چندو ١٥ رپيا

ولائت لاءِ ساليانو چندو ٤٠ رپيا

راجفلمستان

(ماهوار) هڪ ئي سنڌ هند ۾ فلمي رسالو-
ڪهاڻين ۽ تازي فلمي سماچار سان ڀرپور - سوال جواب

هندستان لاءِ ساليانو چندو ٢٠ رپيا

ولائت لاءِ ساليانو چندو ٤٥ رپيا

ڀارت جيون ناول مالها

هڪ ئي سنڌي ساهتيه ۾ ناول مالها جا ٤٥ سالن
هلندڙ. سال ۾ ٤ ناول ٣٠ رپين جا.

هندستان لاءِ ساليانو چندو ٢٥ رپيا

ولائت لاءِ ساليانو چندو ٤٥ رپيا.

اڄ ئي لکجا ۽ پين کان وٺي چندا موڪليو.

ڀارت جيون- ٣١/١١ نوجيون سوسائٽي،
لئمنگٽن روڊ، ممبئي ٨- (فون: ٣٧٥٩٩٣)

سمپادڪ جي قلم مان :-

" ڀارت جيون ناول مالا " طرفان شري سندر ششترا جو اصلوڪو ناول ناجائز ناتا اڄ توهان جي هٿن ۾ آهي.

ڀاءُ سندر ششترا توهان کان اڻڄاتو نہ آهي. "ڀارت جيون ناول" معرفت هو شوق جي ڪري ساهتيہ جي ميدان ۾ آيو آهي. هن جا ڀارت جيون طرفان اٽڪل ۱۸ کن ناول ظاهر ٿيا ويا آهن- هن جي لکڻي سڌي، سؤلي، مٺي ۽ چٽڪيندڙ آهي. ان ۾ ٻين ليکڪن وانگر اُردو يا هندي لفظ تبديل ڪونهن. جنهن ڪري پڙهندڙن جون دليون چُهڪي ٿو.

هن "ناجائز ناتا" ناول ۾ هڪ لتا جي ڪهاڻي آهي. جا ٻري سنگت ۾ اچي، هڪ مسلمان فيروز سان، شادي ڪري ٿي. پر ٿوءِ ٿوريئي وقت ۾ ان جا ڪرتوت ڏسي ۽ ٻڌي ٿي تہ هو اڳ ۾ شادي ڪيل آهي، ڇڏي اچي ٿي. اڄ ڪلهہ اهڙا گهڻا واقعا وٺيل آهن جو ڪاليج ۾ پڙهندڙ ڇوڪريون، جوانيءَ جي نشي ۾ اچي ٻين ذاتين جي ڇوڪرن سان شادي ڪن ٿيون، ۽ پوءِ ٿوري وقت ۾ تنگ ٿين ٿيون. اهڙين ڇوڪرين کي لتا جي جيون مان سبق سکڻ گهرجي.

هن ناول جو ٻيو پاتر آهي منوهرداس هو سنڌ ورڪي آهي پر هو دوستيءَ جو پڪو، سنڌي جاتي جي نوجوان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جو ڀلو چاهيندڙ آهي. هو نہ رڳو لتا،

ڀارت جيون ناول مالا

سمپادڪ: چيتانند ڀاونداس لعلواڻي

ايشور جي ديا سان ۽ توهان پاٺڪن ۽ پيٽرن جي سهائتا سان "ڀارت جيون ناول مالا" ۴٦ سالن ۾ پير پاتو آهي. ڀارت جيون ناول مالا هڪ نئي رسالو آهي جو سنڌ کان ٻاهر باقاعدي نڪري رهيو آهي. دير ضرور ٿي ٿئي جو پريس، ڪمپازيٽرن ۽ ٻين جون مجبوريون اڳيان اچن ٿيون. پر جيستائين زندگي آهي تيستائين هن رسالي معرفت سنڌي جاتيءَ جي سيوا ڪندو رهندس. ڀارت جيون ساهتيه منڊل پاران ڀارت جيون اخبار (١٥ ڏينهن) ۽ راجستان (ماهوار) به ڪڍي رهيا آهيون. ان کانسواءِ ڌرمي پستڪ ۽ گرنٿ به ڪڍيا اٿئون.

هن سال توهان کي هي ڪتاب ملندا:

١- لطيف- پروفيسر رام پنجواڻيءَ جو زبردست انقلابي سماجڪ اصلوڪو ناول. قيمت ڏهه روپيا (تيار آهي)

٢- ناجائز ناتا- شري سندر حشمتراءِ جو سماجڪ اصلوڪو ناول قيمت ٦ روپيا (تيار آهي)

ٻه ٻيا ناول. شري گوبند مالهي ۽ شريمتي سشيلا جي لعلواڻيءَ جو پلو اڳراسٽر سيريز جو ناول. ڪل ٣٠ رپين کان مٿي ناول- ساليانو چندو هندستان لاءِ ٢٥ روپيا ۽ ولايت لاءِ ۴٥ روپيا. اڄ ئي پهچايو ۽ ٻين جا چندا ڀري سنڌي ساهتيه کي زنده رکو.

ليکڪ طرفان....

منهنجي گهر، منهنجي لئبرريءَ مان جنهن ۾ هزار ڪان ٻه مٿي سنڌي ڪتاب موجود آهن ۽ جي با ترتيب رکيل آهن، ڪيترا ٻانر ۽ ٻيرون اچي اهـي پڙهڻ لاءِ ڪڍي ويندا آهـن. ڪجهه وقت ٿيو ته هڪ اڻ سوال ڀيڻ مـون وٽ لنگهي آئـي ۽ اچي چيائين، ”ٻاتو، مون کي ڪي ڪتاب پـڙهڻ لاءِ ڪڍي، ڏيئي سگهندا؟ مان فلاڻيءَ جي ڀيڻ آهيان ۽ تازو انٽروينشا مان اچڻ ٿيو آهي. مونکي پڙهڻ جو وقت ۽ شوق آهي. مـان ڀيري ڀيري سـان انبٻا لهندي آهيان ته ٻاجهي مـان نوجيون سوسائٽيءَ ۾ ”پارس جيون“ واري وڏن ڪتابن جون هڙون پراڻي ٻاڻ سـان اُني ڪڍي ويندي آهيان. پڇم ته توهين فلاڻـا ليکڪ ٻه آهيو نـه. اوهـان وٽ هڪ ڪتابن جي لئبرري ٻڻ آهي ۽ اوهان وٽ ڪيترائي سنڌي اچـي ڪتاب ڪڍي وڃي پڙهندا آهن. مون ته توهان جا سڀ ڪتاب پڙهيا آهن. اوهان جي ناولن ۾ خاص مزو ايندو آهي، انڪري جو انهن ۾ چالو سنڌي جيوت جي ٻوري ٻوري ترجماني ڪيل هوندي آهـي؛ اهي لسا ٿي لسا، سلسليوار ۽ صاف سڌي ٻوليءَ ۾ لکيل هئڻ ڪري هڪ

ٻرام ۽ موهني جو ٻيڙو پار ٿو ڪري ۽ اُنهن سان گڏ ٻهڌجي هڙان گهوان ڏيئــي سڏي جاليءَ جو ڀلو ٿو ڪري. اهڙا مها پرش سڏجي جاليءَ ۾ آگران ٿي ڳڻڻا جهڙا آهن.

راجو شڪارپوري جوان آهي. هو لتا جي ڪنواري هوندي مٿس لڪل عاشق هــو. جيتوڻيڪ کيس خبر هئي ته لتا مسلمان سان شادي ڪئي آهــي، سندس پيءُ ۽ ماءُ سخت برخلاف هئا تڏهين به موهنداس جي همٿائڻ تي هو لتا سان شادي ٿــو ڪري، ان ڪانسواءِ ٻرام ۽ موهني، پاءُ پيڻ جي ڪهاڻي آهـي. هي افسانو برابر آهي ۽ حقيقت تي ٻڌل آهي. اهڙيون ڪهاڻيون اسان جا ڪن روز ٻڌن ٿا ۽ اکيون روز ڏسن ٿيون.

مان وڌيڪ توهان جي ۽ ناول جي وچ ۾ نه اچــي توهان تي ڇڏيان ٿو ته پڙهي امين ٿيو.

٢٥ سپٽمبر ١٩٨١ — جئه هند - جئه سنڌ

جيٺانند ڀاونداس لعلواڻي

Printed by: Smt. Mohini Sobhraj Budhwani, at INQLAB PRINTING PRESS, Ulhasnagar 421 003. (Phone: 66)

Published by: Mr. Jethanand B. Lalwani for Bharat Jivan Novel Malha, 11/31, Navjivan Co-op. Housing Society, Lamington Road, Bombay-400 008.
Owned by: Mr. Jethanand B. Lalwani.

لکيون ته ٻالڪن کي ڪهاڻي ڪٿي هوندي، اُن کان
سواءِ تنهنجي لکڻي تمام ڪچي ثابت ٿيندي!"

پڇيو ماڻس ته "اوهان ڇا جي ٻاري ۾ لکيو هو؟" جواب
ڏنائين، "اُها هڪ سچي وارتا آهي! مان اها لکيل
ٻار سان کڻي آئي آهيان ۽ منهنجي لکڻي برابر تمام
ڪچي آهي ۽ ڇپائڻ لائق ڪين ٿي سمجهان. مونکي
پڪ آهي ته اوهين ان ۾ چڱي ڦيرڦار ڪري گهڻو بهتر
نموني ناول لکي سگهو ٿا."

پڙهي ٿي ڏسڻ هوءَ اُها ڪاپي مون وٽ ڇڏي ويئي.
هن جي رچنا ڪافي دلچسپ لڳي. هن کي بعد ۾ چيم،
"مان اهو ڪم هٿ ۾ کڻڻ لاءِ تيار آهيان ۽ هن کي
تيار ڪرڻ ۾ ڪافي ٽائيم لڳي ويندو." هن چيو ته،
اُن جو ڪوبه فڪر ناهي ۽ هن کي اهائي خوشي ٿيندي
ته هن جي لکيل رچنا نيٺ پريس مان ڇپجي نڪتي!
مون ڪهاڻيءَ نسبت ٻيو به ڪجهه ڪانئس پڇا ڪئي،
جنهن لاءِ چيائين ته اهي سڀ اکين ڏٺيون وارتائون آهن
۽ ڪهاڻيءَ جي سڄي ٻاڙن سان هوءَ چڱيءَ
طرح ملي چڪي آهي، جنهن جي آڌار تي هوءَ سڀ
حقيقتون پيش ڪري سگهي آهي. البت نالا نشان پتا
وغيره صفا ڦيرائي ڇڏيا اٿس بلڪ مونکي به، جتي
واجب لڳي اُتي ڪجهه گهٽائي يا وڌائي ڇڏيان.

موجوده رچنا جو مقصد سنڌي سمجهڻ ۾ ايندو ۽
زندگيءَ ۾ ٿيندڙ ڪن وارتائن جو ڪجهه نمونو آزمودو

ٿي "سنڌگ" ۾ پڙهي ختم ڪري ڇڏيا آهن. مون اهي
به ٻه دفعا نه پڙهيا هوندا ......"

هوءَ منهنجي ڪتابن جي باري ۾ چڱو خاصو ليڪچر ڏيئي ويئي. دل ۾ چيم ته ٻالون هـــونءَ نه ڳالهين جون ڳوٺاڻون ٿيندڙون آهن باقي ٿوريءَ ڳالهه کي وڌائي وڻ ڪري ڏيندڙون آهن. هن جو اهــو ليڪچر ٻڌي خوشي به ٿي ئي نه ذرا "آڪورب" نه ٿي معلوم ٿيو. هن کي چيم، "اوهانجي وڏي مهرباني جـــو منهنجا ڪتاب اوهان تائين اڻدو ٿيشا نه پهچي ويا آهن ۽ اهـــي خاص طرح وٺيا اٿؤ. ان ڪان وڌيڪ اوهان کي سنڌي ڪتاب خريد ڪري پڙهڻ جو شوق آهـي جا ٿي تمام سٺي ۽ همٿائيندڙ ڳالهه آهي. مـــان نه ڄاڻي مـــان هڙون پڙهائي ايندو آهيان، اها هڪ ٻيماري يا "هابي" ئـــي وڃي آهي جيتوڻيڪ مون ڪان وڌيڪ ٻيا ٿي اُنهن جو فائدو ٻيا وٺن. اڄ ڪان وڌيڪ ڪتاب ســـان خود پڙهي ڪين سگهيو آهيان ڇو جو ......" اُن پيڻ اڄ ۾ روڪي چيو، "هن ٻيري اوهان ڪافي ٽائيم ڪـــان ڪو ناول ڪونه لکيو آهي، ان جو ڪارڻ؟" چيومانس، "ڪا اهڙي ٿيئين ڙنا ڪانه ملي سگهي آهي." چيائين، "اوهان کي ٻڌي شايد عجب لڳــي نه مون نه ڪجهه لکي رکيو هـــو ٻر منهنجي "هسبنڊ" اهـــو پڙهي ڇٽر ٻاڙي ڪرڻ شروع ڪري ڏني. چي: تو جي هڙي قسم جـــون ڪهاڻيون

ٻٽا

هڪ ٿاهوڪي ٻر ٻڌ نيمن ۽ دغاباز انسان سان ڪيئن
اچي مهنجو پيار ٿيو، ڪيئن هن سان پرڻي وڃي شادي
ڪيم، ڪيئن أن مهني اندر ٿي مهنجي ماءُ أن صدمي
وچان پران ٿياڳيا، ۽ ڪيئن أن ڏيهن ٿــي اوچتو أن
ڪميڻي فيروز مان بيزار ٿي سائس جهيڙو ڪري، واپس
مائٽن وٽ اچهو ورتم. اهي سڀ ڳالهيون ياد ڪري ته
صرف پنهنجو من دکائي رهي آهيان پر شرم کان مهنجو
ڪنڌ به مٿي نٿو کڄي. الائــي ڪيئن پنهنجي پاسي
واري ساهيڙيءَ روپا جي سنگ، پر هن جي عجب ۽
هرڪا نيندڙ ڳالهين ٿي لڳي، هن سونر جــي اولاد فيروز
سان رستو رکيــم، ۽ پيار ڪيم جــو نيٺ پنهنجي به
ستياناس ڪري ڇڏيم ته مائٽن جي عزت کي به. خاڪ ۾
ملايم. شروعات ۾ ٿــي مميءَ مونکي منع ڪري ڇڏيو
هو ته "هن هلڪي طبيعت واري ۽ ڇڙواڳ روپا سان
رستو نه رک" پر مونکي أن وقت روپا جــي هلت چلت
لوڙي ڳالهه ٻولهه ۾ ڪوا شڪ ڪونه جاڳيو، جيڪي سو
مون هن کي هڪ سٺي ساهيڙي ڪري ليکيو هو. فيروز
جڏهن ڪڏهن پڪچر جــون پاسيون روپا کي آڻي
ڏيندو هو ته مميءَ جي منع ڪرڻ تي به مان روپا سان
گڏجي پڪچر ڏسي ايندي هيس. جڏهن فيروز جي به

ملندو. پاٺڪن کي منوهرداس جو پاڻ ناول ۾ وڌيڪ
ڪجهه بيٺل معلوم ٿيندو. اُن جهڙا انسان البت ڳوليو
نہ لڀندا. اهڙي زندگيءَ جا سچا پچا سو ماڻهيرا موٽي
آهن. اهڙن ني انسانن جو ڌرتيءَ تي وڌيڪ ڪم آهي.
پر افسوس! آهن ڪي پيا ملڻ جا اهڙا؟

ني سگهجتو نہ هن ناول پڙهڻ بعد پيا نہ ڪي اهڙا
انسان ساهس ڌاري ميدان ۾ اچي وڃن. پوءِ نہ هن پيڻ
(جنهن پنهنجو نالو ظاهر ڪرڻ لاءِ منع ڪئي آهـي.)
جي شب ياوتا نہ پـوري ٿيندي پاڪ ليکڪ ۽ پبلشر
جي نہ محنت ثاب پوندي!

سندر حشمتراءِ
7, Wheeler Road, II Cross
BANGALORE-5

آهي اُن جي مالڪ سان حصو پتي انس، جنهن ۾ هن پنهنجو هڪ لک روپيا سيڙايو آهي. هو ٻيو ڪوبه ڪم ڪونه ڪندو آهي سواءِ گهوڙ ڊوڙ، موجون ماڻڻ ۽ شوق وڻڻ جي. پر هنجي چاهنا آهي. ته هو جلدي شادي ڪري دنيا جي چڪر لي نڪري پوي ۽ ڪشمير ۾ ه مهينو ٻه وڃي رهي جتي سندس هڪ مامي جو بنگلو آهي وغيره.

اُن رات مونکي ننڊ اچي ڪانه سگهي. منهنجو سڄو ڌيان فيروز ۽ هنجي ڳالهين ڏانهن ڇڪجي ٿي ويو. ٻئي ڏينهن شام جو رواجا هڪ خط لکائي ڪٽي آئي مونکي هٿ ۾ ڏنو ۽ چيائين، ”هيءُ خط فيروز پنهنجي لاءِ ڏني ويو آهي.“ انهن چئي هوءَ هلي وئي. مون خط باٿ روم ۾ وڃي کولي پڙهيو جو انگريزيءَ ۾ لکيل هو، جنهن ۾ هن چاڙهيو هو ته هو مونکي پيار ڪري رهيو آهي ۽ جنهن ڏينهن کان هن مونکي ڏٺو آهي اُن ڏينهن کان وٺي هن کي ڪاڏو پيتو نه ڪونه اُو وڻي ٿو رات جو ننڊ به آرام سان ڪري سگهي. هنجي مونسان شادي ڪرڻ جي دل آهي. مان بالشڪ پنهنجي ماءُ سان صلاح ڪريان. جيڪڏهن هوءَ قبول نه ڪري ته اسين ٻئي لڪي ڇپي ڪنهن طرح شادي ڪري ڇڏيون وغيره. مونکي خط پڙهي کل ٿي آئي. پر ساڳئي وقت خط ۾ ٻيون به ڪي اهڙيون ڳالهيون لکيل هيون جن مونکي هن سان شادي ڪرڻ لاءِ همٿايو. هن سان شادي

سيٺ اسان جي پاسي ۾ رزرو ٿيل هوندي هئي. سڀاوڪ هڪٻئي سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ بعد مان هن سان چڱيءَ طرح هري مري ويس. ان وقت هو مونکي تمام شائائتو ۽ سٺن خيالن جو جوان لڳو. هڪڙي ڏينهن پڪچر تان موٽندي، پاسي واريءَ هڪ هوٽيل ۾ فيروز اسان کي وٺي هليو، جتي ٿورو چانهه پاڻي ڪرائي، ٽرنڪ پيهاري مٿي ماڙيءَ تي وٺي هليو جتي هو رهيو پيو هو جتي پاڻ ۾ اڌ ڪلاڪ ڪن واڻي ڳالهيون ڪيوسين. هن ائي وچ وٺي چيو ته هن جي مرضي آهي ته هو ڪنهن سنڌياڻيءَ سان شادي ڪري پر هن جا مائٽ هن کي ائين ڪرڻ ڪونه ڏيندا. رويا ضرور فيروز سان اڳيئي ٿيل هئي اها خبر اڳهڙو پوءِ پيم رويا هنکي چيو، ”مون سان شادي ڪرڻ تي دل هجيئي ته آءٌ سان هميشه ٿي تيار آهيان.“ ان تي فيروز کان هڪ ٽهڪ نڪري ويو. هن رويا جو ڳل پٽي چيو، ”تون ته سچي سان شادي ڪرڻ لاءِ يڪدم تيار آهين!“ رويا هن جي ڪن ڪسي زور ڏيئي چيو، ”ڇا ته چوان؟ سچي سان؟“ فيروز هٿ جوڙي چيس، ”معاف ڪر، ديوي! مون کان ڀل ٿي وئي!“ هنن جا اهڙي ڇرچا مسخريون ان وقت مونکي ڏاڍيون ڀليون لڳا هئا ۽ ڪوبه شڪ ڪونه جاچيم ته ڪو رويا اڳيئي ٿي هن سان ڪارو منهن ڪيو هوندو. فيروز پاڻ ٻڌايو ته سندس مائٽ تمام شاهوڪار آهن ۽ بمبئي ۾ رهندا آهن. هو ٻولي ۾ جڏهن ٿيندو جو پاسيون ڏيندو

رکي شادي ڪرائي ويئي. مون بمبئي مان مميءَ کي هڪ خط لکيو ته مون نيت فيروز سان شادي ڪري ڇڏي ۽ مان هفتي کن ۾ واپس پوني پهچي وينديس.

فيروز ۽ مان بمبئي جي هڪ هوٽل ۾ رهيا پيا هئاسين. هن جي چوڻ مطابق هوُ مونکي پنهنجي مائٽن وٽ هلي نه ٿي سگهيو ڇاڪاڻ ته هوُ انهن کي ڪنهن به حالت ۾ رهائڻ ڪونه چاهيندا، هنکي پنهنجي مائٽن جي چڱي خبر هئي. اهو سڄو هفتو اسين ان هوٽل جي ڪمري ۾ ئي گهاريا پر هئاسين سواءِ کاڌي پيتي جي ٽائيمن جي ۽ روز رات جو پڪچر ڏسي اچڻ جي. ته ته ته. هو سڄو وقت منهنجي جسم سان چهٽيو پيو هوندو هو ۽ پيو کيليندو هو. مان به هنجي ان وحشي پيار ۾ صفا انڌي ٿي چڪي هيس ۽ هنجا سڀ نمونا ۽ پورا پورا پئي ڪيم. ڪن وقتن تي البت ٿڪجي ٽٽجي پئجي رهندا هئاسين ته پتو ئي ڪونه پوندو هو ته صبوح جو ڪڏهن سج چڙهي ويو آهي ۽ ٻارنهن به لڳي ويا آهن مون هنکي مهابليشور هلي گهمي اچڻ لاءِ چيو پر هن نٽائي ڇيو هن وقت اتي خاص مزو ڪونه هوندو. مون مات ڪري ڇڏي. هفتو پورو ڪري اسين واپس پوني آياسين. مان مميءَ وٽ واپس. مون کي ڏسي هوءَ اوڇنگارون ڏئي اچي روئڻ ۾ پيئي. چيائين، ”پاڙي ۾ سڀني کي خبر پئجي ويئي آهي ته لتا ڀڄي وڃي هڪ مسلمان سان شادي ڪئي آهي ۽ ڏاڍي ڪل

ڪري مان خوب موجون وٺي ٿي سگهيس. خاص ڪري
هو مونکي دنيا جي چڪر ۾ وٺي هلندو ۽ ڪشمير ۾
گهمائي ايندو. ان وقت منهنجو ڪنهن بہ سنڌي جوان
ڏانهن خيال ڪونہ پوڙي واو ۽ فيروز طرف وڌيڪ چڪ
محسوس ڪرڻ لڳيس. بعد ۾ روپا ۽ مان پيا ٻہ ٻہ ٽي
دفعا پڪچر ڏسڻ ٿي ساڳيءَ هوٽيل ۾ وڃي کاڌي لاءِ پوءِ
سندس روم ۾ وڃي ڳالهيون ٻوليون ڪيون هيوسين.
مون روپا سان فيروز جي خط جي ڳالهہ ڪئي تہ هن
بہ همٿايو ۽ چيائين، ”تون فيروز سان شادي نہ ڪندينءَ
تہ مان هن سان ڪري ڇڏينديس ڇو مونکي خبر آهي تہ
هنجو توسان سچو پيار آهي.“ فيروز مونکي پڻ ڏسي
وڌيڪ هرڪائڻ واريون ڳالهيون ڪرڻ لڳو ۽ آخر مون
هڪو فيصلو ڪيو تہ مونکي ماءُ موڪل ڏني تہ ڏني نہ ڏني بہ
پڇي وڃي هن سان شادي ڪنديس. ٿيو بہ ائين. مميءَ
مونکي گهڻو ئي سمجهايو تہ ــــ پس پيش مسلمـــان سان
شادي ڪري دوکو کاڌو پوندءِ. نہ صرف ايترو پر اسان
جي ذات وارن ۾ کل بہ ٿي پوندي ۽ عزت بہ نہ رهندي.
پر مان ان وقت گويا انڌ جي گهوڙي تي سوار هيس ۽
ڪنهن طرح ماميءَ پڇي وڃي فيروز سان شادي ڪيم.
هوءَ هڪ ملان وٽ وٺي هليو جنهن چيو تہ توکي پهرين
مسلمان ٿيڻو پوندو پوءِ ئي شادي ٿيندي. مون هن کي
جواب ڏنو تہ مونکي هرڪا ڳالهہ قبول آهي. مونکي ڪلمو
وغيره پڙهائي مسلمان بڻائي منهنجو نالو قيرائي ”عائلا“

۽ هن ڪانپوءِ مون سان ڪو به واسطو رکڻ نٿي چاهي. تنهن ڪانسواءِ هاڻي ڪو به سندي مونکي عزت ڪونه ڏيڻ چاهيندو وغيره. فيروز چيو، "تون ڪنهن جي پرواهه ڇو ٿي ڪرين؟ ڪجهه وقت گذرڻ بعد سڀ ڪجهه ليول ۾ اچي ويندو." مون مات ڪري ڇڏي.

فيروز ۽ مان ان هوٽل واري ڪمري ۾ ٿي رهڻ لڳاسين. هوٽل جو ڪاڌو هاڻي ڪک ڪرڻ لڳو هو. فيروز کي ڪو گهر ڪري هلي وهڻ واري ڳالهه ٻڪانوٽي. ڇي: هتي مزي سان وينا آهيون. خوب موجون وينا ونون، ڪا تڪليف نه آهي ڪانه، پوءِ وڌيڪ مغزخوري ڪرڻ مان ڪهڙو فائدو؟

روپا هڪ ٻه دفعو آئي اچي مون وٽان ٿي وئي پر هن جو رخ ڪافي بدليل معلوم ڪيم. ان جو مان ته مطلب سمجهي ويس البت دير سان فيروز طرفان روپا کي ضرور ڪا دلالي ملي هئي. مونکي هن سان شادي ڪرائڻ ڪري هن ڪافي نوان ڪپڙا سبايا هئا!

هڪڙي ڏينهن مونکي البت متي ۾ سور هو. فيروز اڪيلو ٻاهر ڪم سان نڪتو هو. مان ڪو ٻيڪڙس جو ڪتاب ڏسي رهي هئس ته دروازي تي ٺڪ ٺڪ ٿي. مون اٿي دروازو کوليو ته هڪ مسلمان ڇوڪري اندر لنگهي آئي. هن کان پڇيم ته "تون ڪير آهين؟ توکي ڇا کپي؟" هن مرڪندي پڇيو ته "ڇو، فيروز حاضر ڪونهي

ٿي پيئي آهي ته ههڙي سهڻي سٺي ڇوڪري پيو ڪو
سگهڙي جوان ڪونه ملندس جو وڃي هڪ ڇت سان شادي
ڪيائين." مون هنکي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي
ته هو مسلمان آهي ته ڇا ٿي پيو، هو هڪ آکهائتو ۽
سٺن خيالن وارو ڇوڪرو آهي. مون ٻيو ته هوءَ هاڻي
ٻاهر نڪرڻ جهڙي نه ڪانه رهي آهي جو سڀڪو هن
کان سوالن جي بوڇار ڪرڻ لڳي ٿو وڃي ۽ هوءَ ڪوبه
ٺيڪ جواب ڏيئي نٿي سگهي. ٻيو مانس ته
هاڻي ته ڪجهه به نٿي ڪري سگهندو. هن ٻيو، "ٻيو
ڪونه ٿو ٿي سگهي، باقي ورس گهري سگهجن ٿي يا
شادي ناجائز ٺهرائي سگهجي ٿي." ڪيس ٻيم ته مونکان
هاڻي اهي ڪٿ ٻٽ جون ڳالهيون ڪين ٻڌبيون.
مون ٻيو ته ان حالت ۾ منهنجو ان ٻنهي سان ڪوبه تعلق
ڪونه رهندو. ٻيون هڪ ئي ڇٽي ۽ ضدي ڇوڪري
آهين، توکي ماءُ پيءُ جو ڪوبه قدر يا ساڃهه ڪانه پيئي
آهي. تنهنجو مامو ۽ مامي ۽ سياڻي مٽيلا ڪان هت
ٻهڙي وڃڻا آهن. اهي ٿولاٺ ٻڌندا ته هنن کي مان
ڪهڙو جواب ڏيئي سگهندس؟ ذره وري ا مونکي
ڏيندا. چوندا، "تون اکيون پوري ويٺي هئين ڇا؟"

مون ٻيون به ڳالهيون ڪري ويٺي ۽ پورپوڻ ڏنائين،
پر ان وقت منهنجي مغز ۾ ڪابه ڳالهه برابر طرح ويهي
ڪانه سگهي." مان هن کي ڳالهائيندو ٿي ڇڏي فيروز
وٽ هلي آيس ۽ کيس ٻڌايم ته مون سخت ناراض آهي

فيروز واپس موٽيو ته هن کي اُتي ويٺل ڏسي عجب کاڌائين. هن کان پڇيائين ته وري ڇو واپس آئي آهين ۽ هوءَ روئڻ هارڪو منهن ڪري اٿي کيس چنبڙي ۽ چيائينس "مان توکان سواءِ رهي ڪانه سگهنديس."

فيروز کي الائي قياس جاڳيو يا ٻي ڳالهه من ۾ آيس جنهنڪري چيائينس، "ٺيڪ آهي. هڪ دفعو وري به تو آزمائي ڏسان ٿو ته ڪيئن ٿي مون سان پيش اچين." هن پوءِ مونکي ٻڌايو ته هن جو نالو سلما آهي ۽ اسين ٻئي فيروز سان گڏ رهي سگهون ٿيون. مون فيروز کي چيو ته مونکي خبر هجي ها ته تون اڳ ۾ ئي هڪڙيءَ سان پرڻيل آهين ته مان ڪڏهن به حالت ۾ توسان شادي ڪرڻ ڪين چاهيان ها. تو ڇا لاءِ مونکان اها ڳالهه لڪائي رکي؟

هن چيو، "مونکي خاطري هئي ته سلما هميشه لاءِ جهيڙو ڪري وئي آهي ۽ وري واپس ڪانه ايندي. پر هيئنر به ڪا خاص ڦير گهير ته ٿيڻي ڪانهي." هن پوءِ سلما ڏانهن مخاطب ٿي پڇيو، "تون لئلا سان گڏ رهي سگهندينءَ نه؟" هن ڪنڌ سان "ها" ڪئي. مونکي دل ۾ غصو ٿي آيو ته هي سڀ ڇا ٿي رهيو آهي ۽ مان جيڪر فيروز کي اهڙي جواب ڏيئي ڇڏي هلي وڃان. هن شايد منهنجي دل جي ڳالهه ڀانپي ورتي جنهن ڪري اهڙي چيائين، "ڏس لئلا، اسان مسلمانن کي چار زالون رکڻ جي موڪل مليل آهي. سلما جي واپس اچڻ سان اسان جي پيار ۾ ڪا به گهٽ وڌائي ٿيڻي ڪانهي. تون جلدي معلوم ڪري

چا؟" پڇومانس "ته فيروز ۾ تنهنجو ڪهڙو ڪم آهي؟" هن ٻلڪاڻي ورندي چيو، "فيروز منهنجو مڙس ٿئي. ڪن ڳالهين ڪري مان هن سان رسي پنهنجي مائٽن وٽ هلي وئي هيس. پر هاڻي خيال ڦيرايو اٿم ته پاڻ پرڻهي وڃون. مان هن جي مالڪ پاسي وٽ وئي هيس جنهن به صلاح ڏني ته وري به پاڻ ۾ ڪير ڪٺا ٿي وڃو." ائين چئي هن مونکان پڇيو ته "مان هتي ڇا لاءِ ترسي وٺي آهيان؛ فيروز ڪٿي آهي؟" مون کيس ٻڌايو ته "اهو عجب ۾ ۾ وجهندڙ ڳالهه ٿيندي جو فيروز سان مونکي به شادي ڪئي ٻه اڍائي هفتا ٿيا آهن؛ فيروز مونکي ٻڌايو ئي ڪونهي ته هن جي اڳ ۾ ئي شادي ٿيل آهي!"

هن مشڪي چيو "ائين برابر آهي ته اسان جي مذهب موجب فيروز چار زالون رکي سگهي ٿو پر مونکي تنهنجو هتي رهڻ ٺيڪ ڪونه ٿو لڳي. تون فيروز سان گهڻو وقت هلي ڪانه سگهندينءَ. هوءَ ٻاهران مٺ مٺ ڪندو آهي پر سڄا ڦري ويندو آهي؛ مونکي صرف ٻارهن مهنا هن سان شادي ڪئي ٿيا آهن. هيءُ ٽيون دفعو آهي جو مان هن مان ڪٽجي پنهنجي مائٽن وٽ هلي وئس پر هن چيو ته هيءُ پڇاڙيءَ جو دفعو وڃي آزمائي اچ ...... تون هندياڻي ٿي معلوم ٿين ......"

هوءَ ايئن به ڪيترائي ڳالهيون ڪري وئي. مون محسوس ڪيو ته هوءَ منهنجو فيروز سان گڏ رهڻ پسند ڪانه ڪندي.

ڪجھ ۽ ڪونہ ڀانو آهي. هونئن جيڪر تون ڪڏهن سندي
ڇوڪري سان شادي ڪرين ها ته گهٽ ۾ گهٽ هڪ
لک رپئي جي جواهري توکي ڀائي وڃي ها. تون مون کي
وڃي چئه ته توکي هيرن جا ٻه چوڙا ۽ نيڪليس ڏئي.
جيڪي ٻڌو اٿم ته هن اڳ ئي تنهنجي لاءِ گهڙائي رکيا
هئا." عجب مان پڇيو ماڻس، "توکي ان جي ڪيئان خبر
پيئي؟" چيائين، "رنا ئي ٻڌايو هو. حقيقت ۾ مون
جڏهن توسان شادي ڪرڻ جو خيال ڏيکاريو ان کان اڳ
منهنجي من ۾ اها ڳالهه هئي ته توکي مان ضرور اهي
شيون ڏيندي. پر قصو اُلٽ پلٽ ٿي ويو ۽ تون ان
کان وانجهجي وئين."

"سو تنهنجو مطلب ڇاهي؟" پڇيو ماڻس.

"تون وڃي اها جواهري مان وٺان ڪٿي اچ ته مان
سلما کي ڪلاڪ اندر ڪنهن طرح رواڻو ڪري ڇڏيان."

"هوءَ وڃڻ قبول نہ ڪري ته؟"

"مونکي خبر آهي ته ڪنهن کي ڪيئن اُڪيت
وٺانجي."

"تون هن مان خوش ڪونہ آهين ڇا؟"

"هن جو مغز البت خراب آهي." جواب ڏنائين.

"پوءِ هن سان تو شادي ڪيئن ڪئي؟"

"هوءَ منهنجي سوٽ ٿئي. مائٽن جي زور ڪرڻ
تي هن سان شادي ڪري ڇڏيم ...... پر اسان کي
جلد طلاق ملي سگهيٿو ۽ هوءَ سولائيءَ سان ٻئي ڪنهن

وڃڻ ڏيانءِ. سلما جو سڄو خراب ڪونهي ......" سلما وچ ۾ ڳالهائڻ جو خيال ڪري چيو، "مونکي ڪوبه اعتراض ڪونهي. فيروز جڏهن چوندو ته تون ٿي ڪنديس." مون مات ڪري ڇڏي.

اُن رات پلنگ پاسيرو ڪري بسترو پٽ تي وڇائي سلما ۽ مون گڏجي فيروز جي ڪام ٿرشدا پوري ڪئي جنهن بعد هڪ ٻئي جي پاسي ۾ سمهي پياسين. منهنجي لاءِ اهو هڪ نئون ۽ عجيب آزمودو هو. مونکي سلما جي بدن مان هڪ اڻ وڻندڙ بوءِ پئي آئي ۽ وچ ۾ سمهڻ ڪري برابر ننڊ ڪري ڪانه سگهيس. صبوح جو هوٽل جو ڇوڪرو چانهه کڻي آيو. سلما چانهه پي پاٿ روم ۾ هلي وئي ته مون فيروز کي آهستي چيو ته مونکي ٽيئي ڄڻا گڏ رهڻ ٺيڪ ڪونه ٿو لڳي ۽ مون پڪو خيال ڪيو آهي ته مان ماءُ وٽ هلي وڃان. هن ورائيو، "چڙي ٿي آهين ڇا؟ اها ڪا وڏي ڳالهه ڪانهي. تون جلدي انهن ڳالهين تي هري ويندينءَ. منهنجي پيءُ کي چار زالون آهن ۽ هو پاڻ ۾ سالن کان وٺي گڏ رهيا پيا آهن. ان ۾ پاڻ وڏو مزو آهي." چيومانس ته منهنجي لاءِ ساڳي ڳالهه ڪانهي ۽ مان هيڏانهن ٿي ٿي هلي وڃان. هن بوءِ آهستي چيو، "منهنجي مرضي هجي ته مان سلما کي واپس ماءُ ڏي روانو ڪري ڇڏيان ته توکي هڪ شرط قبول ڪرڻو پوندو." پڇيومانس ڪهڙو آهي اهو شرط؟ چيائين، "شاديءَ تي ماءُ توکي

”ٻلڪل نه. تون ان ڇت جي ٻت کي ڇڏي اچ ۽ ٻئي ڪنهن ٻهڄي ذات جي ڇوڪري سان شادي ڪر ته لوڪي سڀ ڪجهه ڏيندا سين.“ ماءُ جواب ڏنو. خبر ناهي ڇو موهڪي ٻاڻ غصو لڳو. مان هن کي ڪوڙو جواب نه ڏئي گهر کان ٻاهر هلي آيس. فيروز مهڄي لاءِ ترسيو ويٺو هو. سلما کا چيز خريدڻ لاءِ هيٺ لٿي هئي. موهن فيروز کي ٻڌايو ته ممي سخت بيمار ٿي پيئي آهي ۽ جواهري جي ڳالهه ڪيڻ موهڪي ٺيڪ ڪانه لڳي.

فيروز چيو، ”ڏس لتا! هيءَ ٺي وقت آهي جو تون واپس وڃي ماءُ کان اها جويلري وٺي اچين. متان هوءَ مري وڃي ته تون هٿين خالي رهجي ويندين. اها ڪنهن به طرح وڃي وٺي اچينس. نه ڏئي ته گهٽ ۾ گهٽ ڪنهن ٻئي تي لکارائي وٺي اچينس ته هيءَ جويلري لتا لاءِ آهي ۽ ان تي هن جو ٺي حق آهي.“

موهڪي فيروز جي هيءَ صلاح ٻڌي تمام ڏک ٿيو ۽ غصو به لڳو. هن کي چيو، ”خبر ٿوٻئي تي ته تون ڇا چئي رهيو آهين؟“

”مان ٺيڪ ٺي چئي رهيو آهيان، لتا. جيڪڏهن تون مهڄو چيوڻ نه مڃيندين ته سلما هٿئي ٺي وٺي هوندي.“

”ان حالت ۾ مان هتي وڌيڪ ترسي نٿي سگهان.

سؤٽ وغيره سان شادي ڪري سگهنديءَ.”

ساڳئي ڏينهن مان ممي ۽ ونان ئي آيس. هوءَ استري ئي هئي. ڊاڪٽر هن کي دل جو مرض ڄاڻائي ويو هو. هن موکي پيار ڏيکاريو ۽ پڇيائين ته سکي آهيان يا نه؟ چيو مانس سڀ ڪجهه ٺيڪ آهي پر تو موکي شاديءَ لئي ڪجهه ڪونه ڏنو آهي؛ مان پنهنجي جوڙي وٺڻ آئي آهيان.”

هوءَ وائڙي ٿي مون طرف نهارڻ لڳي. پڇي واڻيءَ، “توکي هن ڇت موڪليو آهي نه؟”

جواب ڏنو مانس، “ڪنهن به موڪليو هجي پر جنهن چيز تي منهنجو حق آهي اها موکي ملڻ کپي.” اني منهنجو مامو اچي حاضر ٿيو جنهن منهنجي اچڻ جو سبب پڌي چيو “ڏس، لتا! تون هن وقت اسانجي دنيا پانيا کان ٻاهر وڃي چڪي آهين. توکي خبر ئي ڪانه ٿي پوي ته تون ڇا ڪري رهي آهين، ڇا گهري رهي آهين. ڇا، تون هٿ وٺي جوڙي کڻي هن بدمعاش لفنگي کي وڃي ڏيندينءَ؟ ذرا عقل کان ته ڪم وٺ! ڏس، تنهنجي ماءُ ٻن هفتن اندر گذرڻ ۾ پوري ڇا ٿي وئي آهي! هينئر ته ڊاڪٽر به جواب ڏيئي ويو آهي ته هن سان اهڙي ڪا به ڳالهه نه ڪريو جا هن جي دل کي صدمو پهچائي.”

“اُن جي معني ته موکي ان جوڙيءَ کان وانجهيو ونڊو؟” مون پڇيو.

منهنجي دل روئي رهي هئي. منهنجون اکيون ڳوڙهن سان ڀرجي آيون. مون هن ڪميٽي سان وڌيڪ ڳالهائڻ ڪونه چاهيو ۽ منهنجي ننڍڙي ٻچڪ کڻي ٻاهر نڪري آيس. مون منهنجي گهر جو رستو ورتو. منهنجي گهٽيءَ اندر گهڙيس ته ڏٺان گهر جي دروازي وٽ ڪي ماڻهو گوڙ ڪيو بيٺا هئا. اڳيان وڌي آيس ته ڪنهن اچي ٻڌايو ته منهنجي ماءُ گذر ڪري وئي!

منهنجي سر مٿان گويا ڪنهن ڇپ ڪيرائي. منهنجو جسم ٻرڪڻ لڳو. پٽ جو سهارو وٺي مان مٿي آيس. ڏٺم ته ڪيترائون ذالون، مرد اچي ڪٺا ٿيا هئا. هنن مونکي ڏسي هڪ قسم جي نڪار جي نظر مون طرف وڌي. منهنجي مامي منهنجي شڪل سڃاڻي ٿيل ۽ جسم ٻرڪندو ڏسي مونکي ڪرڻ کان اچائي ورتو. مان ڪجهه وقت بيهوش ٿي هيس. جڏهن سرتي واپس آئي ۽ اکيون کوليم ته پاڻ کي هڪ کٽ تي ڏٺم. منهنجو مامو ۽ مامي اندر آيا جن ٻڌايو ته ڪلاڪ اڳي جڏهن مان هتان ٿي ويس ان وقت ٿي امڙ جي حالت خراب ٿي وئي ۽ اچي ڇاتيءَ ۾ سور ٿيس. جيستائين ڊاڪٽر پهچي ٿي پهچي تنهن کان اڳ هن جا پران نڪري چڪا هئا. ڪهڙو نه دکدايڪ قصو ٿي ويو! ۽ اهو سڀ منهنجي چريائيءَ جي ڪري! هاڻي منهنجو سڀ ڪجهه ختم ٿي چڪو هو.

مڙيءَ کي ٻئي ڏينهن صبوح جو مساڻي ۾ وٺي

مان ڏسان ٿي ته تنهنجو مون سان ساڳيو پيار نه
رهيو آهي."

"ائين ٿي سمجهه. مان توکي پيو ڇا چوان؟"

"مان وڃان ٿي ۽ وري تنهنجي شڪل ڪا نه
ڏسنديس." مون هن کي چُپ ڪيو.

"ٻارڙا سڻو. مونکي به هاڻي تنهنجي گهرج ڪانهي."
هن جوش وچان چيو.

"تون هڪ خود مطلبي، ڪوڙو ۽ دغاباز انسان ثابت
ٿيو آهين." منهنجي انهن اکرن هن جو موڊ ڦيرائي
ڇڏيو. هن ڪاوڙجي چيو،

"هاڻي زبان بند رک. مان ڪهڙو به آهيان، توکي ان
پڇائڻ جي ضرورت ڪانهي."

"تو مون سان دغا ڪئي آهي. توکي صرف منهنجي
جسم جي بک هئي سا پوري ٿي ۽ جوباري ڪانه ملي
ته توکي هاڻي منهنجي ڪابه پرواهه ڪانهي!"

"ها، مونکي هينئر تنهنجي ڪابه گهرج ڪانهي ۽
ڪالهه تو ٻڌايو ته تون بلاشڪ هلي وڃ ۽ وڃي ٻيو
مڙس ڪر. مونکي ڪوبه اعتراض ڪونهي."

"مونکي هاڻي پتو پيو آهي ته تون ڪيترو نه بي حياءُ
آهين. اڄ خبر پيم ته مسلمان ۽ هندوءَ ۾ ڪهڙو تفاوت
ٿيندو آهي."

"زبان کي قابوءَ ۾ رک، نه ته توکي هتي ٻاهر اڇلائي
ڇڏيندو سانءِ." هن خار وچان وراڻيو.

منوهرداس

مونکي ٻهرا اعتبار ۾ ئي نٿي آيو ته لتا ڪيئن اهڙي لفنگي مسلمان ڇوڪري سان شادي رچائي هوندي ۽ جڏهن لتا کي هڪ مهني اندر ئي ماءُ ڪري ڇڏيائي ڪيائو! مون کي خبر آهي ته سڀ مسلمان اهڙا ڪوڙهن ۽ لتا ڪڏهن سڀني مسلمان جي ڦٽمليءَ مان شادي ڪري ها ته شايد انهيءَ ڳالهيون نه ٿين ها. ڪيترائون ئي مسلمان ۽ هندن وچ ۾ شاديون ٿيل آهن. جي ”خواب“ ڏٺيون ڪونيون وڃن ٿو اهي سڀڪنهن عام جام ٿيڻ تمام ڏکي ڳالهه آهي. مونکي خاطري آهي ته مان سر زمين تي هجان ها ته لتا واري مسلمان سان ڳالهائڻ بعد خبر پئجي وڃيم ها ته هو ڪهڙي قسم جو پرش آهي ۽ هو ڇاجي لاءِ لتا سان شادي ڪرڻ ٿو چاهي. لتا جو ماءُ خود اها قبوليت ڏيڻ کان سواءِ رهي ڪين سگهيو. هن مونکي چيو، ”توهين هتي هجو ها ته اسان کي پڪ آهي ته لتا کي توهين ان مسلمان سان ڪڏهن شادي ڪرڻ ڪون ڏيو ها! هن کي ان ڪوڙڪي ۾ ڦاسڻ کان ضرور بچائي سگهو ها! چاڪاڻ ته لتا جو توهان ۾ تمام گهڻو وشواس آهي ۽ هوءَ توهان کي خاص عزت سان ڏسندي آهي. الائي ڪيئن هوءَ ڦاسي واري روپا جي قدمي ۾ ڦاسي ان شيطان جي ڳالهين تي موهجي ويئي

سانڍي آيا. مان سن ٿي سن ۾ هڪ هفتو ٿي وڃي هئس.
مون ٻار کي ڏنڪاريو هئي ته مان جلد کان اڳيئي مري
ڇو ڪالهه وس!

ڪريا ڪرم جون رسمون پوريون ٿيون. ٻارهون ڏ
ڏينهن پوري وڃڻ بعد هڪ ڏينهن اٽڪل منوهرداس گهر اندر
ٻيو رکيو. هو سيڌگاڙهو ۽ مان ٻه ڪلاڪ اڳي ٻولي ٻاهڪي
ويو هو. هلڪي ڪيئن طرح منهنجي ٻاري ۾ ۽ ممي
جي گذر ڪري وڃڻ جي خبر ملي ته ٻڌڻدو آيو هو.
مونکي هن قياس جي نظر سان ڏٺو ۽ همدردي ڏيکاري.
هو منهنجي سرپرستي پتا جو گهرو دوست هوندو هو.
پتا جي گذر ڪري وڃڻ بعد هو اسان وٽ روز ٻه ٽه
پيرين ڏينهن ضرور ليئو پائڻ ايندو هو. تنهن مهدا
ڪن ٻولي ۾ رهي وري سيڌگاڙهو ۽ هليو ويندو آهي جتي
سندس چئن ٻن کي چار دڪان آهن. چڱو ٻيارت وارو
ماڻهو آهي. هو هڪ نيڪ انسان ثابت ٿيو آهي. هن
ممي جي موت جو ڪارڻ ٻڌي مونکي گهٽ وڌ ڳالهائڻ
پدران سٺيون صلاحون ڏنيون ۽ چيو ته هو جيڪر اُن
وقت ٻولي ۾ هجي ها ته مونکي ڪڏهن به حالت ۾
اهڙي قسم جي شادي رچائڻ جو وجهه نه ملي ها. ٻر
هوڻ هاري شايد انهن هئي. هن مونکي پيار ڏيکاريو ۽
زندگيءَ کي اڳتي وڌائڻ جون سکيائون ڏنيون. مان
هن جي ٻيحد شڪر گذار آهيان. هو انسان نه پر
هڪ فرشتو آهي.

"نِس لتا، اهي ڪمزوريءَ جون ڳالهيون ٻاڻ کي ختم ڪرڻ جون آهن." ڪيس آنند ٺهڪي چيو، "تون اڳي سياڻي ٿيندي هئينءَ ۽ هيٺئر ته سياڻپ کان ڪم وٺي بردبار ٿيءَ. وچ جون ڳالهيون وساري ڇڏڻ نٿي ٻهتر ٿيندو. توکي هاڻي زندگيءَ جي آئيندي جو ئي خيال ڪرڻ کپي. دنيا ۾ ڪنهن به چيز يا ڳالهه جي کوٽ ڪانهي. اهڙو ڪو سياڻو سمجهو ڇوڪرو ضرور نڪري پوندو جو تنهنجي حالت کي خيال ۾ رکي توکي قبول ڪرڻ جو هوش ڏيکاريندو. مونکي سو هان آنا خاطري آهي ته تنهنجي ان ڪڙي آزمودي تنهنجون ته اکيون کوليون آهن ٻر ٻيون ته ڪيتريون اڻٻوجهه ۽ گمراهه ڇوڪريون ان مان سبق سکي سگهن ٿيون."

"شل توهان جون هي سکيائون ۽ صلاحون منهنجي واهر ڪن، انڪل! مونکي توهان جو ئي آنند آهي. توهين مونکي چڱيءَ طرح سمجهي سگهو ٿا. ٻيا مونکي هاڻي ڌڪار جي نظر سان ٿا ڏسن. خود منهنجو ماءُ ۽ ماسي اٿندي ويهندي نوڪ ٽوڪ لڳائي رهيا آهن. سمجهن ٿا ته هن جو ڪو ڏوهه ڪونهي. منهنجو گناهه وڏو آهي ٻر زندگيءَ کي وڌيڪ زهردار بڻائڻ مان ڪهڙو فائدو؟ مونکي ڏک آهي جو اهو سڀ ڪجهه ٿي ويو. توهين ٿي هڪڙا آهيو جو مونکي اهڙا ڏائين قياس ۽ همدرديءَ سان ڏسو ٿا ۽ هر ڪا مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهيو. ٻين کي ان ڳالهه جو ڪو احساس ٻي اونو ناهي."

۽ آڳو پڇو نہ جاچي اهو ڪم ڪري وٺي. هوءَ هاڻي بيحد گهڻو پڇتائي رهي آهي، پر جهڙو هن جو ٻاهران نالو هو اوڙو ئي هن گهر ۾ پوڙي ڇڏيو! هاڻي هن جي ڪنهن شانائتي گهر ۾ شادي ٿيڻ هڪ وڏو مسئلو ڏسڻ ۾ ايندو."

مون جڏهن لتا کي چيو، "لتا، تو هيءَ ڇا ڪري ڇڏيو!" تہ هوءَ اوڇنگارون ڏيئي اچي روئي. چيائين، "انڪل! مون کي ان ڳالهہ جي مهرباني ڪري يادگيري نہ ڏياريو. مان ان وقت الله جي گهوڙي تي سوار هئس. مونکي خبر ئي ڪانہ ٿي پيئي تہ ڏسڻ ۾ هيڏا اشراف جوان بہ بدمعاش ٿي سگهن ٿا. هن ٻاهران اهڙو تہ پيار ڏيکاريو جو هن جي مٺين مٺين ڳالهين جي جار ۾ ڦاسجي وياس. اها خبر هجيم ها تہ شاديءَ کان پوءِ هو پنهنجي ڪام ترشنا پوري ڪري مونکي ڇڏي ڏيندو تہ مان ڪنهن بہ حالت ۾ هن سان شادي ڪرڻ ڪين چاهيان ها."

"هاڻي ڇا ٿيندو؟" مون هن کان مشڪي پڇيو.

"مان قبول ڪريان ٿي تہ مون سخت ۾ سخت گناه ڪيو آهي، پنهنجي ڪري مون بہ ڇلي رهي جنهن جو ڏنڊ يا پراشچت ئي نٿو سگهي. مان خود هاڻي حياتيءَ مان ڪڪ ئي پيئي آهيان ۽ چاهيانٿي تہ هن زندگيءَ کي جلد بہ جلد ختم ڪري ڇڏيان." لتا انهن چئي وري اچي روئڻ ۾ لڳي.

سندس منهن ۾ نهاريو. انهيءَ وري چيائين، ”پـــر مان هـــن سان شادي ڪرڻ جـــو پاڻکي لائـــق ڪونہ سمجهندس.“

”سبب؟“

”منهنجي گهر جي حالت تمام قياس جوڳي آهي.“

”معلوم ڪري سگهجي ٿو تہ ڪهڙيءَ طرح؟“

”منهنجي ماتا ڇهن سالن کان پيرلائيز ٿيل آهـــي. منهنجو پتا حيات ڪونهي؛ منهنجي هڪ ڀيڻ اَن ڪري ڪنواري رهجي ويئي آهـــي ڇاڪاڻ تہ گهر جو سڄو ڪم ڪار هنکي ئي ٿو ڪرڻو پوي. مونکي پاڻجي ۾ هڪ هنڌ نوڪري آهي پر گهر جي پورت ان مان تمام ڏکيءَ طرح ڪري ٿي پوي. هفتي ۾ هڪ دفعو پوني وڃي ماءُ جـــي نگاهہ ڪري واپس پاڻجي هليو ايندو آهيان. هڪ هنڌ سٺي پگهار سان ولائـــت وڃڻ جو بہ چانس ٿي مليو جو لاچار ڇڏڻو پيو.“

”سمجهي سگهانٿو.“ هـــن جـــي حالت محسوس ڪري چيم. هن پوءِ پنهنجي زندگيءَ جا ڪجهہ ورق پڌائي ڇڏيا جنهن مان لڳو تہ هن جون مجبوريون انداز کان ٻاهر هيون ۽ هنجي ٽوڙي هنجي ڀيـــڻ موهنيءَ جي شادي ڪرڻ جو سوال اٿـــي نٿي سگهيو. مون هنکان سندس پاڻجي ٽوڙي پوني جي گهر جي ائڊريس پـــاڻ وٽ نـــوٽ ڪري ڇڏي. هـــن جو نالو نارام خوشچنداڻي هو.

”پيارا ٻچا، زندگيءَ جي پلن، ڪمزورين توڙي مجبورين کي سمجهڻ جو ڏانءُ سيکي ڪي اچي اٿو سگهي. سڀ ڪنهن کي پنهنجي مطلب جي ڳالهه ڪرڻ جو ئي سبق ياد آهي. ٻين کي سمجهڻ جو هوش ڪي ٿورا رکي سگهن ٿا. اڄ دنيا جي هوا ئي اهڙي لڳي رهي آهي جو پنهنجي گهر جي باهه وسائڻ بدران ٻين جي گهرن ۾ باهه دکائڻ جي ئي ڪوشش ڪئي ٿي وڃي! پنهنجون چوڪون نظر انداز ڪري ٻين جي چوڪن ۽ پلن جو پورو حساب ڪتاب رکيو ٿو وڃي. اها هڪ زماني جي ريت ئي ويئي آهي!“

هفتي کن بعد موٽي پاڻي ڪنهن ڪم سان ويٺو پيو هو. پوني کان پاڻي والدن صبوح واري ٽرين ۾ منهنجو هڪ سنڌي جوان ڇوڪري سان ڳالهائڻ ٻولائڻ جو لمونو ئي ويو. ڳالهين ڪندي مان هن کي لتا جي ڳالهه نه ٻڌائي وٺس. چيائين، ”اها وارتا مون نه ٻڌي آهي ۽ افسوس جو اهڙي سهڻي سمجهو ڇوڪري اهڙي قسم جي غلطي ڪري وڌي.“ چيومانس، ”تون سمجهين ٿو تہ اهي ڳالهيون ٻڌي ڪو سنڌي جوان هن سان شادي ڪرڻ قبول ڪندو؟“ هن جواب ڏنو، ”اهو سڀ مدار هر ڪنهن جي خيالات ۽ گهرو حالتن تي رکيو.“ چيومانس، ”تون پنهنجي طرفان جيڪر اهڙي قسم جي ڇوڪريءَ سان شادي ڪرڻ جو خيال ڪرين؟“ وراڻيائين، ”ڇو ڪونه؟“ مون مشڪي

جو اظهار ڪيو ۽ پوءِ چيائين، ”ڀلا وري ڪڏهن اچي درشن ڪرائيندا، دادا؟“

”جيترو جلد ٿي سگهيو اوترو جلد“

★

پريم

سيٺ منوهرداس سان ٿورن ۾ ٿوري ئي واقفيت ٿيڻ بعد هو مون سان پنهنجائپ ڏيکاري رهيو آهي. مان پاڻ به ٿي هوس ته هو پوني ۾ منهنجي گهران وڃي ٿي آيو ۽ منهنجي ڀيڻ موهنيءَ کي پنهنجي ڌرم جي ڌيءَ بڻائي پنجاهه رپيا خرچي ڏيئي ويو! مان سمجهي نٿو سگهان ته هن جوان مان ڪهڙو مطلب ڇڏيو؟ اڄ ڪلهه دنيا ۾ هڪ سڳو ڀاءُ به. پنهنجي ڪڏهن غريب ڀاءُ کي پڇڻ ڪونه ٿو وڃي. پوءِ هيءُ صاحب ايتري تڪليف وٺي منهنجي غريباڻي گهر ۾ وڃي منهنجي ماءُ ۽ ڀيڻ سان همدردي ڏيکاري ۽ ڪجهه پئسا به ڏيئي اچي، اها ڳالهه ڇا ٿي ظاهر ڪري؟ مونکي ڪجهه به سمجهه ۾ نٿو اچي. شايد جنهن ڇوڪريءَ جي هن ٿورن ۾ ڳالهه ٻڌائي جا هڪ مسلمان سان ڀڄي وڃي شادي ڪري آئي ۽ بعد ۾ هڪڙي ڇڏي گهر اچي ويٺي ان سان شايد منهنجو ناتو ڳنڍڻ جو خيال

ٻاجهي مان موٽي آيس. ڪجهه ڏينهن رکي ٻرام جي گهر جو پتو ڪڍي سندس ماءُ پيءُ وٽان به ٿي آيس. هن ڏاڍو آدر ڀاءُ ڏيکاريو ۽ گهر ۾ ڪافي غريبيءَ جو واسو پسجي رهيو هو. منهنجي دل ۾ ڪيترائي سوال اٿيا جن مان هڪ اهو هو: ڀڳوان هڙن نيڪ انسانن جو جيئڻ ايترو ڏکيو ڇو بڻائڻ چاهيو آهي؟ ٻرام جن ڳالهين کان واقف ڪيو هو تن ۾ ڪوبه وڌاءُ ڏسڻ ۾ ڪونه آيو. اڌ ڪلاڪ کن ماءُ ڌيءُ وٽان وهي حال احوال ڄاڻي پنهنجي گهر جو رستو ورتم. موڪلائڻ وقت مون ڪجهه نوٽ ٻرام جي پيءُ کي هٿ ۾ ڏيندي چيو "مون توکي پنهنجي ڌرم جي ڌيءُ بڻايو آهي، موهني! اِن ناتي هيءَ ٿوري خرچي پاڻ وٽ رکي ڇڏ. مان وري به ڦيرو پائڻ ايندس."

هن البت جواب رکي چيو، "نه دادا، هيءَ پيسن جي ڳالهه جيڪر وچ ۾ نه آڻيو ته ڀلو. هن جي اسان کي اهڙي گهرج ڪانه ٿيندي. توهين تڪليف وٺي اسان سان همدردي ڏيکارڻ ۽ دل وٺڻ آيا آهيو اسان لاءِ اهو ئي تمام گهڻو آهي."

"مان سڀ سمجهان ٿو ڌيءَ! منهنجو چوڻ موٽائيندينءَ ته مونکي ڏک ٿي پوندو؛ ڪا وڏي ڳالهه نه آهي ڪونه. اِن لاءِ وڌيڪ نه چئه."

هنجي زبان بدران سندس اکين ئي شڪر گذاريءَ

انهيءَ اهو پڪيو هٿ ۾ هڪ وڏي ٿري کڻي آيو ۽ آڻي منهنجي اڳيان پيل ننڍي ٽيبل تي رکي. ٿري ۾ پليٽون هيون: هڪ ۾ ڪجهه بسڪيٽ ۽ ٻيءَ ۾ دال مڱن جي ٿوال. پڪيي جي وڃڻ کانپوءِ موهنداس جي استري وري آئي ۽ مونکي پليٽن مان ڪجهه کڻي کائڻ لاءِ چيائين. مون سندس چوڻ مڃيو. انهيءَ بيل لڳي. پڪيي وڃي دروازو کوليو ۽ سيٺ موهنداس اندر آيو. مان اٿي بيٺس. هو مونکي ڏسي اڳيان وڌي آيو ۽ چيائين، ”اڙي پرام تون! تمام سٺو ڪيئه جو مون وٽ اچڻ جو خيال آيءِ. تنهنجي ماتا ۽ ڀيڻ ڪيئن آهن؟“ منهنجي جواب ڏيڻ لاءِ ترسڻ بنا ئي هن پنهنجي زال طرف منهن ڪري چيو، ”ساوتري! هيءُ هن موهنديءَ جو پاڻ پرام انهيءَ جنهن جي توسان ڳالهه ڪئي هئم ته ڌرم جي ڌيءُ بنائي آيو آهيان.“

”اڇا!“ هن جي پتنيءَ هڪ وڏڙ مرڪ سان چيو. هن پوءِ مون ڏانهن مهڙ ڪري چيو. ”هن برابر تنهنجي گهر بابت ٻڌايو هو. ٻڌي خيال ٿيو هوم ته تنهنجي ڀيڻ اڃا ڪنواري ويٺي آهي. تون ته شادي ڪونه ٿو ڪرين وغيره.“

”انهن برابر آهي، دادي!“ مون چيو.

”ڪر خير،“ موهنداس چوڻ شروع ڪيو، ”بابي جو ڪهڙو حال آهي؟“

”نيڪ آهي، دادا!“ مون چيو.

ڪندو هجي! ٻيو مون نہ کيس صاف ٻڌايو هو
نہ منهنجي شاديءَ جو سوال اٿڻ ڪونہ، اُهو نہ ڳالهہ
اٿي ختم ڪانہ ٿي ڇا؟ مان جڏهن هفتي بعد وري
موٽي آيس تہ موهنيءَ سيٺ منوهرداس جي ڳالهہ
ڪري چيو، "ڪهڙا نيڪ انسان دنيا ۾ اڃان اچا پيا
آهن؟" مون موهنيءَ کي چيو، "مان ٻاهر نوڪري ساڳي
ڳالهہ ڇوڙ وارو هوس ۽ منهنجي مرضي آهي تہ مان
وڌانئس ٿي اچان. مون هنڪان سندس پتو وٺي رکيو
آهي." موهنيءَ چيو تہ اها تمام سٺي ڳالهہ ٿيندي.
مان آئو ڪري سيٺ منوهرداس جي گهر وٽ اچي
لٿس. هڪ ٽٻي اچي دروازو کوليو ۽ ڇپانين سيٺ
ٻاهر نڪتو آهي. اتي هڪ وچولي عمر جي استري
اڳيان وڌي آئي جنهن چيو تہ اندر اچي ويهو، هو
اتي اچي ويندو؛ ڪٿي ٻاهران ڪونہ ويو آهي. مان
هال ۾ اچي هڪ ڪرسيءَ تي ويٺس. گهر جي جڳهہ
ڪافي وڏي ۽ ٻوري پڻ نموني سينگاريل هئي. هال
۾ هڪ پاسي شيشي جو ڪٻٽ هو جنهن ۾ ڪيترائون
ننڍيون وڏيون ٻاهر جون قيمتي چيزون رکي سجايون
ويون هو. ٻئي پاسي بہ ٻيو وڏو شيشي جو ڪٻٽ هو جو
لئبرري ڪري ڪتب آڻدو ويو هو. جنهن ۾ سؤ ڏيڍ
سؤ ڪتاب سهڻي ۽ ترتيب سان ساڳئي نموني جي
سفيد جلدن سان ٺاهي رکيا ويا هئا.

پڇان ٿو ته جواب ڏيندين؟" چيائين، "ڇو، ڪا ڇوڪري نظر ۾ منهنجي واسطي اٿيئي ڇا؟" هن جو اهو مسخريءَ وارو جواب ٻڌي کِلي ڏنم ۽ چيومانس، "آهين ته استاد! تو اها ڳالهه ڪيئن ڄاڻي ورتي؟"

"جوان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي ٻيا ٻي ڪهڙي ڳالهه خواب ۾ هوندي؟" هن وري به خوش مزاجيءَ واري نوع ۾ پڇيو مانس، "اوهان اڃا شادي ڪئي، تو ڪيئن ان جو سبب پڇي سگهائو؟"

"اسان جي شادي روز ٿيندي آهي، دوست!"

"هاڻي ٻولين ۾ نه ڳالهاءِ، شيام!"

"ها، اسان جي روز شادي ٿيندي آهي، خوابن ۾!"

"بس، ڇوڙا ڇڏ. اڄ تون گهڻو ٿي ڳالهائين ته سڻو."

"چڱو ٻڌاءِ ڳالهه ڪهڙي آهي؟"

"تون جيڪر ٻڌي جي هڪ سٺي ڇوڪريءَ سان شادي ڪري هڪڪي پنهنجي بيمار ماءُ وٽ ٿي رهي پوڙهيءَ جي موڪل ڏين؟"

"۽ مان هتي ڪاميءَ ۾ ٿي ويٺو، جهڪ ماريان! آئين ته؟ ڪهڙو ڇريو اها ڳالهه قبوليندو؟"

مونکان البت کل نڪري وئي ٿي. وري به گهڻو ئي پڇيو مانس، "چاڪاڻ ته گهر ۾ ماءُ ڏيءُ اڪيليون ٿيون رهن. ڇوڪري شادي ڪري بيمار ماءُ کي اڪيلو ڇڏي

پي پڻ ڪا خاص مطلب جي ٻوري ڳالهه ٻولهه، ٿيڻ
بعد مان ڪجهه وقت ترسي شربت جو گلاس پي،
منوهرداس کان موڪلائي گهر آيس. منهنجي اٿڻ تي
هن چيو هو، ”مون کي ڪجهه ڪم ٿي پيو جنهنڪري
مان وري تنهنجي گهر وٽي ڪونه سگهيو آهيان. پر
اڄ سڀاڻ ضرور وٽي ليٽو پاڻي ايندس؛ منهنجو
پنهنجي ماتا ۽ موهنيءَ کان گهڻو ڪري پڇج.“ مان
هن جي مهرباني مڃي هن کان موڪل وٺي هليو آيس.
هن ان ڇوڪريءَ جي باري ۾ جيڪا هڪ مسلمان سان
پڙهي وئي هئي تنڪا وري ڳالهه ڪئي نڪي مون
هنکي انجي يادگيري ڏيارڻ جيتوڻيڪ سمجهيو هوم
ته هو ضرور ان لاءِ ڪجهه چوندو، پاڻ سڻو ٿيو.

مون ڪيترائي دفعا سوچيو آهي ته جيڪر موهنيءَ
جي شادي ٿي وڃي. هوءَ پندرهن سالن جي اچي
ٿيندي. دل ۾ ضرور هوءَ چوندي هوندي ته عمر وڃي
ٿي وڌندي ۽ هن وقت ٿي ڪو دل پسند جيون ساٿي
نه مليس ته پوءِ ڪافي دير ٿيڻجي ويندي. اسانجي ۾
جنهن پيدي ۾ مان ڪم ڪندو آهيان اتي مون سان گڏ
هڪ شيام نالي ڇوڪرو ڪم ڪندو آهي تنهن ڏانهن
منهنجو ڌيان ڇڪجي ويو هو. پر سوال هو ته هو شادي
ڪري موهنيءَ کي پوئي ۾ اما وٽ ٿي ڇڏڻ پسند
ڪندو؟ ان هوندي به مون شيام سان اهڙي قسم جي
ڳالهه ڇيڙي ڏني. مون هنکي چيو، ”شيام، هڪ ڳالهه توکان

تنکو اخبار وٺي پڙهڻ لاءِ کيسي مان ڪي پئسا ڪڍڻ ٿي دل نٿي ٿئي. تنکي ڪنهن پبلڪ لئبرريءَ ۾ وڃي ڪجهه پڙهي اچڻ لاءِ وقت ٿو ملي. تون خوب سمجهي سگهين ٿو.“

”خير، مون تہ توکي اخبار جي ڳالهه، چرچي طور چئي ٻڌي. حقيقت اها آهي تہ اڄ جون شاديون سوديبازيءَ ۽ واپاري حساب وارو نمونو وٺي چڪيون آهن. جيڪو ليکو شادي اڳ ڪري سگهي: جي ڪو ڪري، تہ ٿو تہ سؤ مان سٺ شاديون ڳڙ ڳڙ ڏاڍيون ٿيون پون! ڪنهن جي سس نڀاڳي، ڪنهن جو سهرو حرامخور. ڪنهن جي نڙان چڙٻي تہ ڪنهن جو ڏير ڏنگو. مطلب تہ شاديون ناهن ٻر ٻراديءَ جو سامان آهن! باقي شاديون تہ ٻلي شاهوڪار ٻانڊ ۾ ڪن! هڪن جي هڪڙي ۾ ڏيتي ليتيءَ جي ڪاڻ ٻول چول ڪاڻ ٿئي ٻر ٻانڊ ۾ ڏيڻ وٺڻ ٻول ڪان تہ واهه. دفعا وڏيڪا! شادي تہ ٻلي ڪن لڪائيتي ٻانڊ ۾. ڏيڻ وٺڻ ۾ گويا هو شرطون پڇائڻ ڏيا لڳن! هڪن جو الهن وقتن تي اپٽرو تہ ناٽو پاڙيءَ وانگر وهندو نظر ايندو آهي جو جيڪر پهرو پيسل ڪٽي ٻي سورو حساب واهي ڪجي تہ، ان هڪ شاديءَ ۾ هڪڙي اڃائي ڪرو مرو ليندڙ پئسي مان جيڪر نهارو ڪسن غريب گهرن جون تہ شاديون ٿي وڃن! تو ڪڏهن ان ڳالهه ڏانهن ڌيان ڏنو آهي؟“

ٻٽي ڪڏهن هند وڃي رهي ڪانه سگهندي.”

”پوءِ ته تون پنهنجي گهر جي ڳالهه ٻڌائي رهيو آهين، ائين نه؟”

”خير، ائين ئي سمجهه.”

”ته ٻابلا نه. ٻاڻ موالي ماڻهو، اهڙي قسم جون قربانيون ڪرڻ جو ٻاڻ ماڻهو ساهس ڌاري نه سگهنداسون.”

مون مات ڪري ڇڏي. هو شايد سمجهي ويو ته مونکي ڏک ٿيو هو. هن وري چيو، ”ڏس، ٻرام! پنهنجي چوڻ جو مطلب خوب سمجهي سگهانٿو. تو وانگر مونکي به ڪي گهرو مجبوريون آهن جنهن ڪري مان به شادي ڪري نٿو سگهان. ٽي ڀينرون شادي ڪرڻ لائق گهر ۾ ويٺيون آهن؛ ٻهراڻ انهن جي اڪلائڻ جو سوال ٿو اٿي. پر انهن لاءِ ڇوڪرا هٿ ڪرڻ اڄ ڪلهه ڪيڏي ڪانه ڪانٽي آهي. گهوٽ مائرن جا واڇ واڳهن وانگر ڦاٽا پيا آهن. جتان گهڻو ملي اتي پوٽ وڃهه وارو ليکو لڳو پيو آهي. ان سوديبازيءَ ۾ ڇوڪريون وڃن ٿيون سڙنديون ۽ خراب ٿينديون. ڪي آخر زهر کائي پاڻ پورو ڪيو ڇڏين؛ ڪي ڪن لفنگن سان ڀڄيو وڃن؛ ڪي ته لاهي پائي لوڻيون ٿيون ويٺيون آهن ۽ دلالڪو ڪم شروع ڪري ڏنو اٿن! ڪٿي رهيو آهي اهو تهذيب ۽ مريادا وارو زمانو! ...... تون شايد اخبارون ڪونه ٿو پڙهين!”

”نه شيام، مان پراپر اخبارون ڪونه ٿو پڙهان. اڄ ڪلهه

لتا

ان اڻ وڻندڙ واقعي کي ٿئي ٻه مهينا ٻه گذري ويا. انکل موهنداس اسان وٽ هڪ نه ٻئي ڏهاڙي ڦيرو پائڻ ايندو آهي. پر، هو جلدي واپس سنگاپور لاءِ روانو ٿي ويندو. هن جي مرضي آهي ته وڃڻ کان اڳ هو مهنجي لاءِ ڪجهه ڪري وڃي. هن موڪلان پڇيو ته توکي ڪو ڇوڪرو نظر ۾ هجي ته هو ان طرف جاچ جوچ ڪري ڏسي ۽ ڪم ٺاهي ڇڏڻ ۾ واهر ڪري. پر هن وقت سچ پچ مهنجي دل ڪٿي ٻي پيئي آهي. مون کي شادي ڪرڻ جي ڪابه تمنا ڪانهي. فيروز مهنجي اندر مون سان ايترو ته سدهوڳه ڪيو هو جو مونکي ان ڳالهه کان پڇان اچي رهي آهي. ڪنهن جو سچو پيو پيار پائڻ ڏاڍو ڏکيو ٿو سمجهڻ ۾ اچي. خاص ڪري مهنجي ڳالهه ايتري قدر ته شهر ۾ هلي وئي آهي جو ڪوبه ساڌارڻ ۽ اشراف ڇوڪرو مون سان پيار ڪرڻ يا شادي رچائڻ جو ويچار ڪري ڪونه سگهندو. باقي ڪو ڪنهن ٻئي شهر جو سنڌي جوان نڪري پوي جنهن کي مهنجي حالت جي جاڻ نه هجي ۽ شادي ڪرڻ قبولي ته اها ٻي ڳالهه ٿيندي؛ پر پس پيش هن کي خبر پئجي سگهندي ۽ ان بعد هو جيڪي ڪجهه پنهنجي من ۾ سوچڻ لڳندو سو سڀ محسوس ڪري

”تون سچ چئي رهيو آهين شيام! ھر سوال آهي ته اهي حالتون، جا، رکڻ جون آهن؟“

”بلڪل نہ. جڏهن ته ٺهن وڏ. انهن کي روڪڻ وارو ڪو جائو آهي ڪي جمندو. دنيا اڄ زواليت طرف زور شور سان وڌي رهي آهي ۽ گهٽ کي اها زواليت ترقيءَ جا ترورا وانگر ليکي پاسي. ذواليت جبل تائين پهچي چڪي آهي ترقي اجا تري ۾ آ-ي ليکي ٿاڦو ڙا هڻي. اڄ دنيا جي پڌي پرشت ٿي وڃي آهي. ڪو ورلي ڪو ريءَ معني ۾ پڌرايان يا سو رمو سمجهڻ ۾ ايندو. سيڪو واصف جا وڏا ڪائيندو نظر اچيتو. زبان آهي نہ همت ڪٽيل آهن. صرف زبان تـي ليکي هلي. ڪم ڪرڻ لاءِ ڪا زبان ڪم ايندي نه ڪي ڪپل همت کجهه ڪري ڏيکاريندا.“

جيتوڻيڪ شيام جي ان ليڪچر ٻڌيءَ تي سان هري ويو آهيان ۽ هو جيڪي چوندو آهي ان ۾ ضرور ڪا معني هوندي آهي. هن جون ڳالهيون جيڪر پڻ پيمسل ڪٽي وٺي لکجن نہ، پستڪن جا ڪئين واليوم ڀرجي وڃن!

مون شيام سان شاديءَ جي ٻاري ۾ وڌيڪ ڳالهائڻ ٺيڪ ڪونه سمجهيو ۽ اسين پنهنجي پنهنجي ڪم کي لڳي وياسين.

لاچار هو. ڪجهه وقت ٿيو ته هتي هڪڙو مزيدار قصو ٿيو
هو جڏهن ۾ اسان جي ذات جي هڪ سيٺي سندي گل
جهڙي ڇوڪريءَ ٻنهيان هڪ مرهٽو ڊاڪٽر چريو ٿي پيو
۽ ڪنهن طرح ان ڇوڪريءَ کي ولهي راٻي ڪشمير
پڄائي آئي وڃي هن سان شادي ڪيائين. هو ٻئي
جڏهن گهمي ڦري واپس موٽيا ته مرهٽي جي مائٽن اها
شادي قبول ڪئي پر ڇوڪريءَ طرفان مائٽن سخت
اعتراض ۽ غصو ظاهر ڪيو ۽ شادي ايئن ناجائز
ٺهرائي ويئي. ڇوڪري مرهٽي جي گهر رهيل هئي ته
ڪيس مائٽن موڪليو ويو ته مائٽين سخت بيمار آهي
اچي ڏسي وڃيس. گهر ٻاهران هڪ ٽئڪسي تيار
بيٺي هئي جڏهن ۾ ڇوڪريءَ کي ماءُ پيءُ چاڙهي خبر
ناهي ڪٿي وٺي ويا. سڀ ڪجهه جاسوسي نموني ٿي
ويو. مهني بعد پتو پيو ته مائٽن ڇوڪريءَ کي هڪ
هندو پرڻائي ڇڏيو. مرهٽي گهڻئي ٽڪ ٽوڙ لڳائي ته
منهنجي جوءِ کي الائي ڪيڏانهن گم ڪري ڇڏيائون.
هو سنڌي پنچايت جي مکيءَ وٽ ويو جنهن روکڙو
جواب ڏنس ته جڏهن تون ڇوڪريءَ کي پڄائي وٺي
وئين تڏهن هن جا مائٽ به پنهنجي ڌيءُ کي پڄائي
وٺي ويا آهن. هاڻي اٽا ماٽا ٿيا ۽ تون ماٺ ڪري
پنهنجي ذات مان شادي ڪري ڇڏ. هوءَ ويري واپس
اچڻ جي ڪانهي. مطلب ڳالهه جو بعد ۾ ٻڌڻ ۾ آيو ته
اها ڇوڪري پنهنجي گهوٽ سان البوليشا ٿڪي ويئي

سگهان ٿي. باقي هوءَ شايد نفرت وچان مون کي ٽوُ ڪٽا
ڪري ڦٽو ڪري ڇڏي يا ٻيڪي گهر اماڻي اچڻ جو
فيصلو ڪري. سڀ ڳالهيون تمام ڳريون معلوم ٿي رهيون
آهن. بهتر ائين آهي ته وري شادي ڪرڻ جو خيال
لاهي ڇڏيان. پر مان جو ماضي ۾ ماضيءَ جي اڏيل ٿي
بيٺي آهيان جي مونکي هاڻي سائيءَ نظر سان نٿا
ڏسن، انهن سان گڏ جيالي ڪاڻ ڏکي ڳالهه ڪانهي؟
انڪل موهنداس هر وقت همٿائيندو رهيو آهي ته
زندگيءَ ۾ سڀ ڪجهه ٻنيان رهجي وسرندو ويندو.
زندگيءَ جو سورج هر وقت لٿون ٿي اڀرندو ٿو رهي.
اهي ڳالهيون ويچار ۾ آڻڻ سان اچڻ ڏاڍيون سوليون
سنهيون ٿيون لڳن پر انهن کي عملي جامو پهرائڻ جو
طريقو هرڪو نٿو جاڻي سگهي. مونکي هن وقت سڀ
ڪجهه ڳرو ۽ ڏکيو ٿو لڳي. اڄ منهنجي عمر صرف ويهه
سال هوندي ۽ ٻاڻ کي نيهن سالن جي هڪ آزمودگار
استري بڻي سمجهان! مون جهڙيون شايد ڪيتريون
ڇوڪريون هجن جن جي به ساڳي مون جهڙي حالت ٿي
ته بلڪ ٻيڻو هجي ۽ زندگيءَ جو ڪڙو آزمودو پرائي
ماٺ ڪري ويٺو بيهو هجين! مون سان انڪل موهنداس
پاڻ جي هڪ غريب ڪٽنب جي جوان ڇوڪري جي
ڳالهه ڪئي ته ڪيئن هوءَ هنڪي منهنجي واسطي ڏيان
۾ رکي وٺو پر پوءِ خبر پيس ته هوُ پنهنجي پيار ماءُ
۽ ڀيڻ جي ڪنواري هئڻ ڪري شادي ڪرڻ ڪان

منوهرداس کي ساٿ ڏنو جو هُو اُن مهڙي اندر ئي ٻوٽ لهي ويو ۽ ڇڻن مهل کانپوءِ جڏهن هُو واپس سينگاپور آيو ته اها ڇوڪري هڪ شاهوڪار آساميءَ سان شادي ڪيل اچي ڏٺائين! الڪل منوهرداس جيترو دل جو صاف آهي، مهربان ۽ دلربو ته اوترو ئي آهي.

★

منوهرداس

خبر ناهي ڪيترن لئا، سندس پاسي ۾ ئي رهندڙ هڪ ڇوڪري جو پيو ڏنو جنهن جي هن ڏوري ڳهٽي پنهنجي نموني جاچ ڪئي هئي. هُو هڪ شڪارپوري عزت آبروءَ واري ڪٽنب جو ڇوڪرو آهي. مون وڃي هن جي گهر جو دروازو کڙڪايو. مون کي آڌرڀاءُ ڏيندي اندر هلي هڪ ڪوچ تي ويهاريو ويو. ٿوريءَ سان هڪ بزرگ، جو خاص پيءُ ڪونه ٿي لڳو، پنهنجي ڪمري مان ٻاهر نڪري آيو ۽ منهنجي پاسي ۾ اچي ويٺو. هن چيو، "سائين پاڻ آيا، جيءُ آيا! ٻڌايو اوهان جي خدمت ۾ ڪهڙي سيوا ٿا ڪري سگهون؟" هن پوءِ پنهنجي پٽ ڏانهن نهاري ڪجهه کٽي اچڻ جو اشارو ڪيو. مون هن ڏانهن مخاطب ٿي چيو، "منهنجو ناتو

جڏهن مان هڪ ٻار به ڄاول اٿس. اهو به ٻڌڻ ۾ آيو هو ته ڇوڪريءَ کي مرڻي مان ٻه پيٽ نه ٿيو هو جڏهن جي ٻڌڻ ۾ نيڪالي ڪڍي ويئي هئي!

اڄ اوچتو منهنجي من ۾ هڪ ڳالهه اچي واسو ڪيو آهي. اسان جي پاڙي گهٽيءَ ۾ هڪ شڪارپوري ڪٽنب جو ناهوڪو جوان رهندو آهي. ڪيترائي دفعا منهنجي گهر جي ٻالڪيءَ مان هن کي اسان جي گهر وٽان لنگهندو ڏٺو اٿم ۽ هر دفعي هو اکيون مٿي ڪري نهارڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. هو مونکي اُتي ايتل ڏسي اکيون هيٺ ڪري ڇڏيندو آهي. خبر ناهي ڪيئن هن وقت منهنجي دل هن ڏانهن ڇڪي ڏٺي رهي آهي. انڪل منوهرداس ان شڪارپوري گهر جو منجهه ڪيپي اچي سگهندو. هو اڄ نه سڀاڻ ضرور اسان وٽ ليئو ٻاٺڻ ايندو. انڪل منوهرداس کان وقت لـي منهنجي دل جــون به ڪي جهولون ڳالهيون ٻڌائي وهندو آهي جي ڪافي دلچسپ لڳنديون آهن. هن هڪڙي ڏينهن ٻڌايو ته هو جڏهن جوان هو ته ڏاڍو ڇگو خوبصورت لڳندو هو ۽ سينگاريل ۾ لورڻ ڇوڪرين هن سان چاهه ڏيئي ڳالهائيندي هيون ۽ پاڻ تمام لڇا روهڻ ڪري هو ڇوڪرين سان اهڙو لهه وچڙه ۾ اچي ڪين سگهيو. البت هڪڙي ڇوڪري هن کي منجهه ئي اچي لڳي ۽ ڇپائيندس ته هوريان لوڪي مون سان دوستي رکئي آهي. ان دوستيءَ جو مطلب به سمجهاڻين. پر قدرت انڪل

هوءِ هڪ گگدام ڇوڪري آهي جنهن کي ڦسلائي ڊوکو
ڏيئي ڀڄايو ويو هو. ان ۾ ڇوڪريءَ جو ڀلا
ڪهڙو ڏوهه؟“

”وت سائين! ڇوڪريءَ جو ڪوبه ڏوهه ڪونهي!
اوهان جون ڳالهيون ته مجيدار آهن! مانکي خبر ناهي
ته اوهين ڇوڪريءَ جا ڪير لڳو ٿا آئون اوهان کي
ڪولي ٿو ٻڌايان ته ان ڇوڪريءَ جو نالو هڪ سال کان
وڏي خراب ٿيل آ، سائين؛ ايها ڇوري ٿري افلاطون
آهي. اصل ٻلاٻلا سائين! ڏايا ڇوڪرا ڦسايا آهن ان
ٻلا مسلمان سان ڀڄي وڃڻ ڪون ٿهلي!“

هن ڪرموملَ جي گهر وڃڻ وقت وڃائڻ ٿي
منهنجي دل ڪاٺ ٿي. اليڪٽي سدس زال هڪ وڏي
پليٽ مٺائي ۽ سڪل فروٽ وغيره سان ڀريل ڪڻي آئي
اڳيان رکي. مونکي اي دليو ۽ هن جي تمام گهڻي زور
ڪرڻ تي پليٽ مان ڪجهه کڻي کاڌو هيو. ٿوڙن منٽن
بعد هڪ جوان ڇوڪرو گهر اندر گهڙي آيو. جنهن کي
ڏسي ڪرموملَ چيو، ”پيسا مليا راجو؟“ ڇوڪري
وراڻيو، ”اڌ ڪن مليا.“ ڪرموملَ چيس، ”باقي ڏينهن
رکي ورتي ڦيرو پائڻ وڃجانس.“ هن جواب ڏنو، ”جي،
ها بابا.“ ڪرموملَ پوءِ مون ڏانهن منهن ڪري چيو،
”هيءُ آ منهنجو پٽ راجو جنهن لاءِ اوهين ايها قتل
ڇوري آڇي رهيا آهيو.“ راجوءَ هٿ جوڙي ”نمستي“
چئي ۽ مونکان مشڪي پڇيائين، ”اوهين ڪهڙي

منوهر داس آهي. مان هڪ خاص ڪم لاءِ اوهان وٽ آيو آهيان ۽ خاطري اٿم ته ان ۾ ضرور اوهين مدد ڪندا."

"اچا، ڪريو حڪم!"

"اوهان جي فرزند لاءِ هڪ مانڱي ڪڻي آيو آهيان."

"واهه! ته تمام سٺي ڳالھ آ ايها، مسٽر منوهرداس! ٻڌايو ڪهڙي حور پري آ ايها جا مان جي نونهن ٿيڻ قبول ڪندي؟" پير مرد جنهن جي نالي جي خبر پيئي هئي ته ڪرمُومل ڪيڪلاڻي سڏبو آهي، هڪ وڏو ٽهڪ ڏيئي چئي ويو.

"اها حور پري پيشڪ آهي، پر اها هڪ بدنصيب ڇوڪري آهي." مون گنڀير ٿي چيو.

"ايها ڳالھ ته تمام ڳري ٿي! خير، اوهان جو مطلب ڪهڙي ڇوڪريءَ لاءِ آ؟"

"پينءَ گهٽيءَ واري لتا ٿي آهي جنهن کي هڪ مسلمان ڇوڪرو ڀڄائي وٺي ويو هو."

"سائين، اوهين ان قتل ڇوڪريءَ جي ڳالھ ٿا ڪريو جنهن جو نالو سڄي شهر ۾ بد ٿي چڪو آ ۽ ان ڇوڪريءَ کي آئون پنهنجي نونهن بڻايان؟ اوهين به عجب ٿا ڪريو! ڪالي اسان جو شڪارپوري شان مان ڪاٿي ايهي هلڪا حيدرآبادي ۽ در در جا پيڪاري!"

ڪرمومل البت جوش ۾ آيل هو. مون هلڪي چيو، "ڪرمُومل، اوهين آڳو پيڇو جاچي پوءِ اهڙي ڳالھ زبان تي آڻيو. اوهان کي شايد حقيقت جي برابر ڄاڻ ڪانهي.

سان چڱيءَ طرح ڳالهائي ٻولهائي ڏسندئيس. پر جڏهن
راجوءَ جي ٻنهي طرفان ڪا به اُميد ڏسڻ ۾ ڪانه آئي
ان ڳالهه جي اُپٽار ڪرڻ اجائي ڪانهي؟" مون لتا
چوڻ جو مطلب سمجهي مات ڪري ڇڏي.

★

راجـــو

آئون زبردست سوچ ۾ پئجي ويو آهيان. هيل تائين
ڌهن کي به خبر ناهي ته آئون ڪافي وقت کان دل
دل ۾ لتا کي پيار جي نظر سان ڏسي رهيو هوس.
دفعي سندس گهر وٽان لنگهندي لتا کي ڀالڪنيءَ
بيٺل ڏسندو هوس ته مون جي دل الائي ڇــو غمگين
جي ويندي هئي! اسان شڪارپور ۾ حيدرآباد ۾
ميان اچا توڙي ڪافي وڃو رهجي ويـــو آهي ۽ هن
ن شادي ڪرڻ جو سوال ڪانون به اٿي نٿي سگهيو.
يتو ٽيڪ مسلمان سان گــڏ پڙهي وڃـــڻ کون ڀلي
ڪر اسان وٽ ڪير لتا جي مائٽي ڪٽي اچي ها
ٻاباجن پاڻ ايهو ناتو فخر سان قـــبول ڪن ها. مگر
ها ڳـل ٻڌڻ بعد هو ڏاڍا غصي ۾ آهـــن. دستور
وهرداس جن مانڪان جيڪو هڪ به سوال پڇيو انهن
جواب جيتوٽيڪ ٻاباجن کي خوش نه ڪيو پر در

ڇوڪريءَ جي ڳل ڪري رهيا آهيو، دادا؟" منهنجي ٻڌران ڪرمومل هن کي چيو، "منوهرداس جن هن لئا جي تو لئه مائٽي ڪٺي آيا آهن جيڪا مسلمان سان ڀڄي ڪارو منهن ڪري آئي آ." مون جاچيو ته راجو اها ڳالهه ٻڌي البت مات ٿي ويو هو ۽ شڪل ۾ گمڀير بڻجي ويس. هن شايد ان ٻاري ۾ ڪجهه به چوڻ ٺيڪ ڪو نه سمجهيو ۽ يا منهنجي پنا اڳيان ڪجهه به چوڻ شايد تهذيب جي خلاف ٿي ليکيائين. مون هن سان به اڪر ڳالهائڻ واجب سمجهي چيو، "منهنجي اها ڇوڪري ڏٺل آهي؟" "جي، ها. مان ڏٺي آ. پر مان ان سان ڪڏهن ڳالهايو ناهي." پڇيو مانس، "تون سمجهين ٿو ته هيڏيءَ هن ان سان سبق ڪو نه پڙهيو هوندو؟

"ضرور، دادا! ڏوهه ڇوڪريءَ کان وڌ مسلمان جو آ، جو هن کي زوريءَ ڀڄائي ويو." راجوءَ ٻڌا مشڪل جي چيو. ڪرمومل پٽ جو جواب ٻڌي هن ڏاڍو شوڪي نهاريو. دل ۾ چيم ته ڀيءَ پٽ جي خيالات ساڳي ڪانهي ۽ ڇوڪري طرفان ڪجهه اميد رکڻ ناشدني ڪانهي. مدت بعد مان ڪانئن موڪلائي هليو آيس. مون لئا سان اچي سرائتي ڳالهه ڪئي ۽ پڇيو مانس ته "راجو جيڪر منهنجي طرفان ڪجهه رخ ڏيکاري ته ڇا تون هن کي قبول ڪندينءَ؟" لئا چيو، هرو ڀرو انهن ٻڪدم ته مان قبول ڪانه ڪنديس

سٺي تعليم ڏياري نه وڃي، مڪي ڪارڻ اهو ٿي ٿو
لوم ٿئي. ٻي ڳالهه ته ڪاليجن ۾ ڇوڪرن ڇوڪرين
هڪٻئي ۾ ملڻ جهلڻ ۽ آزاد نموني هلڻ ۽ وڌڻ
پيدا ڪري. بس دنيا جو چرخو جئن پوءِ تئن وڌيڪ
ڪارنگي نموني هلندڙ نظر اچي رهيو آ. هڪ ليکي ان
ڏوارڻ به پسجي ٿي مگر ناداني وڏا! مائٽي ته ايهو
ب ڏسي سچ پچ اچرج لڳندو آ ته مزو ٿي ڏيندو آ.
ڪن ٻاٻاجن پراڻن خيالن جا آهن جنهن ڪري ڪجهه
ٿئون ڏسڻ بعد بتال ٿي نا وڃن. آئون دل ٿي دل
ان ڳل ٽان ڪلندو آهيان. مگر ڪٿين ڪجهه ڇوڙ پيا
سمجهائڻ جو هوش ڏاري نه سگهندو م. ٽنڍي هوندي
ن ٿي ٻاٻاجن جي ڊپ ۾ رهيا آهيون: آئون ۽ مانجهي
ڻ رجني. ٻڌڻ ٻاٻا جي ڳل ۾ هميشه
ا ۾ هـا ملائڻ جو طريقو ياد ڪري ڇڏيو آ.
ني پڻ مان واڱيان ماڻون خيالن جي آ
ٻاٻاجن جي هر ڳل تون ڪل ٻڌندي انس. ٻر اسان
ي ٻاٻاجن ڪي ادب جي نظر سان ڏسندا آهيون. اما
بت ٻئي ٽائيپ جي آ. اوُها اسان سان اسان جهڙي،
ٻاجن سان ٻاٻا جهڙي. ڏاڍي سٻاجهي آ اماڙ! مسٽر
وهرداس جن موڪلائي هليا ويا ته پٺئون ٻاٻاجن نفرت
چون اما ڪـي چيو، "هاڻي هي ڇريءَ ٻار آيو هيو
سان جي پٽ جي ڳچيءَ ۾ نانگ وجهڻ جڻ اسان کي
پلا جي ڪاٻه خبر نه رهي آ!" اما جڻ ڳل ٻرابر ڪانه

اصل مونکي لتا لاءِ ڪوبه تڪرار ناهي. آئون شايد
هنکي اچا توڙي پيار ڪندو هجان. ايها به هڪ عجيب
ڳالھ آ جو آئون لتا سان ڪڏهن به ڳالهائي نه سگهيو
آهيان، نه ته انهن ڪيترن ئي سالن کان ساڳئي ئي
ماڙي ۾ ته رهندا پيا آهيون. قدرت سان اڄ ان ڇوڪريءَ
طرفان ماڻ کان پاڻيهي شاديءَ جي آڇ آئي آ. آئون
پاڻ کي هڪدم نصيبن وارو ٿو سمجهان ڇو ته ماماجن
ڪنهن به حالت ۾ هن سان شادي ڪرڻ جي موڪل
نه ڏيندا، ايها پڪ آ. آئون قبول ڪريان ٿو ته ڇوڪري
بدنام ٿيل آ، بلڪ مسلمان سان شادي ڪيل ۽ جوئي
ٿيل آ. ليڪن مونکي خبر ناهي ڇو لتا تي اُلٽو
قياس اچي رهيو آ. ڇا ته ڇوڪريءَ جي سونهن آ.
مگر اڄ سڀئي هن ويچاريءَ کي نفرت جي نگاه
سان ڏسن ٿا. آئون سوچ ۾ پئجي ويو آهيان ته ڪهڙي
طريقي آئون لتا سان ملي ان ڳالھ جو پتو لڳايان ۽ بعد
۾ ماماجن کي به مڃايان. ڏاڍو ڏکيو مسئلو ٿو سمجهان
ايهو پاڻجي ماما جي طرفان. ايها سورهن آنا پڪ آ ته
آئون لتا جي ڳل جو هڪ پٽڪو زبان مون ڪيندم
ته اوهي اُلٽو بگڙجي ويندا، ۽ گارگند ڪرڻ کان به نه
گسندا. ماڻ جي دل ۾ وري سوال اُٿندو آ ته
اڄڪلھ ڪهڙي هوا لڳي رهي آ جو ڇوڪريون ڪوبه
